# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريه 2010
# SINDH ACT NO.XVII OF 2010
# سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FIFTH AMENDMENT) ACT, 2010

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XVII مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.XVII OF 2010

## سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) ايڪٽ، 2010
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FIFTH AMENDMENT) ACT, 2010

[26 آڪٽوبر 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعہ _179 A ۾، ذيلي دفعہ (5) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(5) مڪاني حڪومت ۽ ڪائونسلز جي تحليل ٿيڻ تي، نئين مڪاني حڪومت جي قانون لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ، حڪومت چيف اليڪشن ڪميشنر کي مڪاني حڪومت جون چونڊون ڪرائڻ لاءِ درخواست ڪندي، اهڙي تاريخ تي جيڪا حڪومت طرفان طئي ڪئي وڃي."

| | |
|---|---|
| 3.سنڌ مڪاني حڪومت (پنجين ترميم) آرڊيننس، 2010 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | 2001 منسوخي Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**